# قائدِ اعظمؒ جا ارشادَ



قائدِ اعظمؒ اسان جي پياري وطن پاڪستان جو باني ۽ عظيم اڳواڻ هو. سندس ارشادَ هِي آهن:

**<u>شاگردن ڏانهن:</u>**

❊ تعليم پڪيڙڻ لاءِ وڏي ۾ وڏي قرباني ڏيڻ کان بہ ڪيٻائڻ نہ گهرجي. اُن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جيتريون بہ تڪليفون اچن، اُهي ٿوريون آهن.

❊ آءٌ توهان کي تعليمي عمل ۾ مصروف رهڻ جو تاڪيد ٿو ڪريان، ڪَمُ ۽ بس ڪَمُ. پنهنجي قوم جي سچائيءَ سان خدمت ڪندا رهو ۽ اڳتي وڌندا رهو.

❊ توهان مستقبل جا معمار آهيو. ان لاءِ جيڪو ڏکيو ڪم اوهان جي ذِمي آهي. اُن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي شخصيت ۾ نظم ۽ ضبط پيدا ڪريو، مناسب تعليم ۽ موزون تربيت حاصل ڪريو.

* آءٌ پاڪستان جي هر رهاڪُو ۽ خاص طرح پنهنجي نوجوان طبقي کي هيءَ ڳالهه چڱيءَ طرح ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته خدمت، برداشت ۽ همت جي سچي جذبي جو مظاهرو ڪريو. اهڙو اعليٰ مثال قائم ڪريو، جو اوهان جا ساٿي ۽ ايندڙ نسل اوهان جي پيروي ڪري.

سرڪاري ملازمن ڏانهن:

* جيڪڏهن اسين هن عظيم مملڪت پاڪستان کي خوشحال ڏسڻ چاهيون ٿا، ته اسان کي پوري توجهه سان غريب ماڻهن جي چڱائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻو پوندو. جيڪڏهن اوهان هڪ ٻئي سان تعاون ڪريو ته مون کي يقين آهي ته اوهان ڪامياب ٿيندا.

* آءٌ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته دنيا ۾ اوهان جي ضمير کان وڏيڪ ڪابه شيءِ نه آهي. جڏهن اوهان خدا جي حضور ۾ پيش ٿيو، تڏهن اوهان خود اعتماديءَ سان چئي سگهو، ته مون تي جيڪي فرض رکيل هئا، اُهي مون پورا ڪري ڇڏيا. مون کي يقين آهي ته اوهان اهو جذبو پنهنجي دلين ۾ پيدا ڪري وٺندا ۽ انهيءَ مطابق زندگيءَ جو ڪم سرانجام ڏيندا.

* جيڪڏهن اوهان واقعي پاڪستان جو وقار بلند ڪرڻ ٿا چاهيو ته اوهان کي ڪنهن به قسم جي دٻاءُ جو شڪار ٿيڻ نه گهرجي، پر ان جي ابتڙ عوام ۽ ملڪ جي سچي خادم جي حيثيت سان پنهنجا فرض بي خوفيءَ سان پورا ڪندا رهو.

<u>پاڪستاني عوام ڏانهن:</u>

❊ قدرت توهان کي سڀ ڪجهه ڏنو آهي، توهان وٽ اڪيچار ذريعا آهن، توهان جي ملڪ جو بنياد پئجي چڪو آهي. هاڻي اهو توهان تي ڇڏيل آهي، ته توهان ان کي ڪيئن ٺا ٺاهيو، جيترو جلد ٺاهي سگهو ٺاھ ٺاهيو.

❊ منهنجي پيغام جو تَتُ هيءُ آهي، ته هر مسلمان کي ايمانداريءَ، خلوص ۽ بي غرضيءَ سان پاڪستان جي خدمت ڪرڻ گهرجي.

❊ اسين مستقل مزاجي، اڻٿڪ محنت ۽ قربانيءَ جي جذبي سان پاڪستان کي هڪ عظيم ۽ مستحڪم مملڪت بڻائينداسين. انشاءَالله پاڪستان قائم رهڻ لاءِ ٺهيو آهي ۽ زمين جي ڪابه طاقت اهڙي نه آهي، جا ان کي تباهه ڪري سگهي.

❊ قيامِ پاڪستان، جنهن لاءِ اسان گذريل ڏهن سالن کان جدوجهد ڪري رهيا هئاسين، سو الله جو شڪر آهي ته اڄ ڪُليل حقيقت آهي. اسان جو مقصد صرف هڪ مملڪت حاصل ڪرڻ نه هو، بلڪه اهو مقصد حاصل ڪرڻ جو ذريعو هو. مقصد اهو هو ته اسان اهڙيءَ مملڪت جا مالڪ هجون، جتي اسين پنهنجي روايتن ۽ تمدني خصوصيتن مطابق ترقي ڪري سگهون، جتي

اسلام جي عدل ۽ هڪجهڙائيءَ جي اصولن تي آزاديءَ سان عمل ڪرڻ جو موقعو حاصل هجي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- قائداعظم شاگردن کي نصيحت ڪندي ڪهڙين ڳالهين ڏانهن سندن ڌيان ڇڪايو آهي؟

2- سرڪاري ملازمن کي قائداعظم ڪهڙي هدايت ڪئي آهي؟

3- قائداعظم جي خيال موجب پاڪستان ڪهڙن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو ويو آهي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڪيپائٽ – معمار – موزون – تربيت – برداشت – ٿٽُ – تعاون – جدوجهد.

(ج) اهو نالو جو هڪڙي قسم جي سيني جاندار يا بي جان شين لاءِ هڪجهڙو هجي يا هرهڪ سان لاڳو ٿي سگهي، تنهن کي اسم عام چئجي ٿو، توهين اهڙا ڪي ٻه پنج اسم عام لکي ڏيکاريو.

(د) هيٺين جملن کي درست ڪري لکو:

1- آهي حقيقت ڪلي شڪر سو آهي جو خدا اڄ ته.

2- توهان قدرت سڀ ڪجھ کي آهي ڏنو.